SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ آرڊيننس نمبر VIII مجريه 1999

# SINDH ORDINANCE NO.VIII OF 1999

# سنڌ ايگريڪلچرل انڪم ٽيڪس (ترميم) آرڊيننس، 1999

# THE SINDH AGRICULTURAL INCOME TAX (AMENDMENT) ORDINANCE, 1999

## (CONTENTS) فهرست

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان، اضافو ۽ شروعات
Short title, extent and commencement

2. 1994 جي سنڌ ايڪٽ XXII جي دفعه 2 جي ترميم
Amendment of section 2 of Sindh Act XXII of 1994

3. 1994 جي سنڌ ايڪٽ XXII جي دفعه 3 جي ترميم
Amendment of section 3 of Sindh Act XXII of 1994

4. 1994 جي سنڌ ايڪٽ XXII جي دفعه 6_A جي ترميم
Amendment of section 6_A of Sindh Act XXII of 1994

# سنڌ آرڊيننس نمبر VIII مجريه 1999

## SINDH ORDINANCE NO.VIII OF 1999

# سنڌ ايگريڪلچرل انڪم ٽيڪس (ترميم) آرڊيننس، 1999

# THE SINDH AGRICULTURAL INCOME TAX (AMENDMENT) ORDINANCE, 1999

[28 جنوري 1999]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ ايگريڪلچرل انڪم ٽيڪس ايڪٽ، 1994 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ ايگريڪلچرل انڪم ٽيڪس ايڪٽ، 1994 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن ته سنڌ اسيمبلي جو سيشن هلندڙ نه آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي ته موجوده صورتحال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ ضروري آهي؛

هاڻي تنهن ڪري، اسلامي جمهوريه پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) موجب مليل اختيارن تحت سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان، اضافو ۽ شروعات

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ ايگريڪلچرل انڪم ٽيڪس (ترميم) آرڊيننس، 1999 سڏيو ويندو.

| | |
|---|---|
| (2) هي خريف 1996 تي ۽ ان کانپوءِ لاڳو سمجهيو ويندو. | Short title, extent and commencement |
| 2. سنڌ ايگريڪلچرل ٽيڪس ايڪٽ، 1994 ۾، جنهن کي ان کانپوءِ "جاٽايل ايڪٽ" سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 2 جي ذيلي دفعہ (1) ۾: (i) شق (b) کانپوءِ هيٺين ريت اضافو ڪيو ويندو: (bb) "فصل واري ايراضي" مطلب زمين جي ڪا ايراضي جيڪا ٽيڪس سال ۾ هڪ دفعو پوکي وئي هجي، بشمول پڪل باغيچي جون شيون، باغبانيءَ سان لاڳاپيل شيون ۽ پان جا پن، جن ۾ جهنگلي يا باغباني سان لاڳاپايل بوٽا نہ هجن؛ (bbb) "پڏرنامو" مطلب بيان ڪيل طريقي موجب سموري پوکي ڪيل ايراضي جو پڏرنامو، جنهن ۾ اهڙا تفصيل ۽ اهڙو استيٽمينٽ، سرٽيفڪيٽ ۽ ٻيا دستاويز شامل هجن، ۽ اهڙيءَ ريت تصديق ٿيل هجن، جيئن بيان ڪيو ويو هجي؛"؛ (ii) شق (i) ۾، آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کي سيمي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان کانپوءِ هيٺين ريت اضافو ڪيو ويندو: "(i) "ٽيڪس سال" مطلب زرعي سال جيئن سنڌ لينڊ روينيو ايڪٽ، 1967 ۾ بيان ڪيو ويو آهي. | 1994 جي سنڌ ايڪٽ XXII جي دفعہ 2 جي ترميم Amendment of section 2 of Sindh Act XXII of 1994 |
| 3. جاٽايل ايڪٽ ۾، دفعہ 3 لاءِ هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو: 3. "ٽيڪس لڳائڻ" (1) اهڙن مالڪن کان ڪا بہ ٽيڪس نہ اوڳاڙي ويندي جن وٽ بئراج جي ايراضي ۾ سموري ٻارنهن | 1994 جي سنڌ ايڪٽ XXII جي دفعہ 3 جي ترميم Amendment of |

| section 3 of Sindh Act XXII of 1994 | ايڪڙ يا ان کان گهٽ زمين هجي يا بئراج ڪانسواءِ ايراضيءَ ۾ ان کان گهٽ ايراضي هجي: بشرطيڪ هن ذيلي دفعه ۾ ڪجهه به باغيچن ۽ باغن تي لاڳو نه ٿيندو. (2) سواءِ ان جي جيئن ذيلي دفعه (1) ۾ بيان ڪيو ويو آهي، ٽيڪس پوکي ڪيل ايراضي بنيادن تي اوڳاڙي ويندي، هر هڪ زمين جي مالڪ کان، هيٺ ڄاڻايل اگهن تي: |
|---|---|

| | |
|---|---|
| ڪپهه | 75 رپيا في ايڪڙ |
| ڪمند | 75 رپيا في ايڪڙ |
| ڪڻڪ | 40 رپيا في ايڪڙ |
| چانور | 30 رپيا في ايڪڙ |
| پڪل باغ/باغيچا | 300 رپيا في ايڪڙ |
| ٻيا سمورا فصل | 40 رپيا في ايڪڙ |

بشرطيڪ بئراج ڪانسواءِ باقي ايراضي ۾ مٿي ڄاڻايل اگهن جي اڌ تي اگهه هوندا.

وضاحت: جيڪڏهن ڪو مالڪ ساڳي زمين تي ساڳئي پوکي جي مند دوران هڪ کان وڌيڪ فصل پوکي ٿو ته ان کان فصل جي بنيادن تي اوڳاڙي ڪئي ويندي.

(3) جيستائين ڪجهه ذيلي دفعه (2) جي گنجائشن جي متضاد نه هجي، ٽيڪس پهرين آگسٽ، 1999 کان صافي آمدني جي بنيادن تي اوڳاڙي ويندي جيئن بيان ڪيو ويو هجي."

| 1994 جي سنڌ ايڪٽ XXII جي دفعه 6-A جي ترميم | 4. ڄاڻايل ايڪٽ ۾، دفعه 6-A لاءِ هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو: "6-A. **پڌرنامي تي عمل ۾ ناڪامي تي ڏنڊ)** جتي ڪو |
|---|---|

Amendment of section 6_A of Sindh Act XXII of 1994

مالڪ دفعہ 5 تحت ڪنهن پڌرنامي تي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ڏنل وقت اندر بنا جوڳو سبب هئڻ جي، عمل ڪرڻ ۾ ناڪام ٿيو آهي، تہ ڪليڪٽر اهڙي مالڪ تي ڏنڊ مڙهي سگهي ٿو، جيڪو روزانو هڪ سئو رپين کان وڌيڪ نہ هوندو، جيستائين اهو نقص جاري رهي.

(6_B، **نوٽيس تي عمل نہ ڪرڻ تي ڏنڊ)** جتي ڪو مالڪ، بنا جوڳي سبب جي، دفعہ 6 تحت جاري ڪيل ڪنهن نوٽيس تي عمل ڪرڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿو ڪليڪٽر مٿس ڏنڊ مڙهي سگهي ٿو جيڪو آباد ڪيل سموري زمين تي اوڳاڙي لائق ٽيڪس کان وڌيڪ نہ هوندو:

(6_C، **پوڪي ڪيل زمين لڪائڻ تي ڏنڊ)** جتي هن ايڪٽ تحت ڪنهن ڪارروائي جي صورت ۾، ڪليڪٽر، اپيليٽ يا پرووزنل اٿارٽي مطمئن آهي تہ ڪنهن مالڪ، ساڳي ڪارروائي يا ان کان اڳ ڪنهن ڪارروائي ۾ پنهنجي پوکي ڪيل ايراضي لڪائي آهي يا اهڙي ايراضي يا زمين جا غلط انگ اکر ڏنا اٿائين، اهو اهڙي مالڪ تي ڏنڊ مڙهي سگهي ٿو جيڪو ادائي دفعا وڌيڪ هوندو، پر ڪنهن بہ صورت ۾ مڙهيل ٽيڪس کان گهٽ نہ هوندو.

(6_D، ٻڌڻي جي نوٽيس کان پوءِ ڏنڊ مڙهڻ) (1) ڪو بہ ڏنڊ هن ايڪٽ تحت ڪنهن مالڪ تي نہ مڙهيو ويندو، جيستائين ان کي ٻڌڻ جو جوڳو موقعو فراهم نہ ڪيو وڃي.

(2) اهڙو ڏنڊ اهڙي مالڪ طرفان حاصل ڪيل ڪنهن بہ ملڪيت تي لاڳو نہ ٿيندو.

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**